# گورک هل اسٽيشن

## سنڌ جو خوبصورت تفريحي ماڳ

عزيز ڪاچيلو

گورک ڪيرٿر جبل جي هڪ چوٽيءَ جو نالو آهي، جڏهن اسان ڪيرٿر پهاڙي سلسلي جي نقشي تي نظر وجهون ٿا ته لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن ۾ ڪيترين ئي جابلو چوٽين نظر اچن ٿيون، انهن مان ٽي ڪافي بلند آهن. ”ڪتي جي قبر“ تقريباً ست هزار فٽ بلند آهي. گورک سامونڊي سطح کان 5966 فٽ بلند آهي. جڏهن ته ڏاڙهيارو جي چوٽي 6900 فٽ بلند آهي.

ضلع دادو ۾ گورک جي جابلو چوٽيءَ تي هل اسٽيشن قائم ڪرڻ جو خيال ڪو نئون نه آهي. برطانوي حڪمران سرچارلس نيپئر سڀ کان پهريائين سنڌ ۾ دادو ضلعي ۾ ڪيرٿر يا لڪي جي پهاڙي سلسلي ۾ صوبي جو گرمين دوران صدر مقام قائم ڪرڻ جي ضرورت کي شدت سان محسوس ڪيو هو.

انگريزن هل اسٽيشن قائم ڪرڻ خاطر ڪيرٿر ۽ لڪي جي جبلن جي سروي به ڪئي هئي. سروي کان پوءِ انجنيئر گورک جي چوٽي تي به ويا ۽ انهن جي چوڻ موجب اها جڳهه ڪوئيٽا کان به زياده ٿڌي هئي. انهن ڪوشش کي انوقت نقصان پهتو جڏهن سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي ۾ ضم ڪري، ان جو حصو بڻايو ويو.

1931ع ۾ جڏهن دادوءَ کي ضلع بڻايو ويو ته ان وقت جي انتظاميا تجويز پيش ڪئي ته گورک کي ترقي وٺرائي اتي ضلع جو گرمين دوران صدر مقام ٺاهيو وڃي. دادوءَ جي آخري انگريز ڊپٽي ڪمشنر به گورک جي چوٽيءَ جو سير ڪيو هو. گورک دادو شهر کان گهڻو پري نه آهي پر صرف 70 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهي، جيڪڏهن موسم صاف هجي ته اسين مورو ۽ دادوءَ کان گورک ڏسي سگهون ٿا. بلوچستان ۾ زيارت هل اسٽيشن سنڌ جي لاءِ سڀ کان ويجهي صحت افزا جڳهه آهي ۽ سنڌ جي ماڻهن کي پنجاب، سرحد ۽ زيارت جي ڏورانهين جڳهن تي وڃڻو پوي ٿو. گرمين جي موڪلن

> انڊس هاءِ وي کان گورک تائين لنڪ روڊ جي تعمير جو منصوبو اڃا تائين رولڙي ۾ آهي.

۾ چند ڏينهن آرام، تفريح ۽ زندگيءَ جي روزاني ڪارڪرت کان پاسيرو ٿي ڪجھ ڏينهن گذارڻ لاءِ ڪنهن جي دل نه گهرندي هوندي پر انهن هنڌن تي پهچڻ لاءِ سفر جو خرچ ئي تمام گهڻو آهي.

گورک گرمين ۾ ٿڌو رهندو آهي. ڏينهن جو ايتري ٿڌ هوندي آهي جيتري هڪ عام ڪمري ۾ هڪ ڪلاڪ تائين ايئرڪنڊيشنڊ هلائڻ سان هوندي آهي. آگسٽ مهيني ۾ توهان هتي رات جو ڪمبل وجهڻ کان سواءِ ٻاهر سمهي نه ٿا سگهو. گورک هڪ هوادار جڳهه آهي. هي ڪيرٿر پهاڙي سلسلي جي هڪ خوشگوار آبهوا رکندڙ پليٽو آهي. ماڻهو چون ٿا ته گورک ۾ ايتري ئي ٿڌ هوندي آهي جيتري ايبٽ آباد (سرحد) ۾ هوندي آهي.

هن خشڪ پهاڙي ماڳ تي هنڌ هنڌ پيش، جهنگلي زيتون ۽ ٻيا ٻوٽا آهن، جيڪي ڪوئيٽا جهڙو منظر پيش ڪن ٿا پر پهاڙ جي چوٽيءَ تي هجڻ سبب گورک واديءَ ڪوئيٽا کان وڌيڪ ٿڌو رهي ٿو. جڏهن ته سياري ۾ ته هتي ڏڪائيندڙ ٿڌ هوندي آهي.

گورک جي وادي ۽ آس پاس ۾ ڪيترائي ننڍا ننڍا پاڻيءَ جا چشما آهن جن مان گهڻا ٽن کان چئن هزارن فٽن جي اوچائي تان فٽن ٿا. هڪ اهڙو ئي چشمو شهڪ لوني ٻوري وٽ 3500 فٽن جي اوچائي تي آهي ۽ اپريل 1986ع ۾ ان مان نڪرندڙ پاڻيءَ جي ماپ 0.25 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪئي وئي هئي. هڪ ٻيو چشمو تقريباً اڍائي ميلن جي پنڌ تي آهي جتان مستقبل ۾ سنڌ جي چٽ تي شهر لاءِ پاڻي پمپ وسيلي پهچائي سگهجي ٿو.

ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت وارن ڏينهن ۾ به گورک ويلي کي سنڌ جو گرمين دوران هيڊ ڪوارٽر بنائڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي هئي.

مقامي ماڻهو تمام گهڻيون ڪهاڻيون ٻڌائين ٿا ته گورا (برطانوي لوڪ) هن پهاڙ سان ڪيڏي دلچسپي رکندا هئا جو انهن پهاڙي جي دامن ۾ هڪ بنگلو تعمير ڪيو هو جيڪو اڄ به موجود آهن. هو ٻڌائين ٿا ته هڪ انگريز آفيسر شديد بيمار هو ان کي هڪ مقامي حڪيم مشورو ڏنو ته هو ڪيرٿر جابلو سلسلي جي ڪنهن نه ڪنهن جڳهه تي هليو وڃي. هو اتي وڃي ترسيو ۽ حيرت انگيز طور تي تيزيءَ سان صحتياب ٿي ويو.

گورک جي چوٽيءَ تي پهچڻ لاءِ مختلف رستا آهن، جن مان ٽي اهم آهن. پهريون رستو انڊس هاءِ وي کان ڪڪڙ وٽان شروع ٿي گاج بنگلي کان ٿيندو گورک تائين وڃي ٿو. ان رستي جي ڊيگهه تقريباً 56 ميل آهي. ٻيو رستو دادو کان 18 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي انڊس هاءِ وي سان ملي ٿو. هي ڊگهو رستو آهي ۽ ڪيترن ئي ڪچن ۽ ننڍن ڳوٺن مان گذري ٿو. ٽيون رستو به انڊس هاءِ وي کان ئي نڪري ٿو پر جوهي کان حفاظتي بند ۽ نئين گاج ٽبي جني تائين پهچي ٿو. جنيءَ کان رستي ۾ غازي شاهه جي مزار ۽ ٻين قديم يادگارن سان گڏوگڏ سفر ڪندي، ٽنڊو رحيم خان پهچجي ٿو.

ٽنڊو رحيم خان پهاڙي سلسلو شروع ٿيڻ کان پهريائين آخري وڏو ڳوٺ آهي. هي رستو پهرين ٻنهي رستن کان مختلف آهي، هي 52 ڪلو ميٽر ڊگهو جابلو رستو آهي، هن روٽ تي نئين انگڻي پڻ پار ڪرڻي پوي ٿي، جنهن ۾ چشمن جو پاڻي مستقل وهندو پيو رهي. ٽنڊو رحيم خان کان ڏهن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي 3000 فٽ بلند گرو پهاڙ آهي. نئين ٺاهيل رستي ۾ ڪيترائي لڪ آهن، جن رستي هن پهاڙ کي ڪاٽين جي ذريعي چڙهڻو پوي ٿو. گورک پهچڻ کان اڳ ۾ هڪ ٻيو پهاڙ لنگهڻو پوي ٿو جنهن کي ”ڪارو جبل“ جي نالي سڏيو وڃي ٿو. جابلو رستو ٺاهڻ لاءِ دادوءَ جي اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر گل محمد عمراڻيءَ ۽ پاڪستان آرميءَ جي برگيڊيئر يعقوب ڊوگر مقامي قبائلي سردارن سان ملي ڳچو خاصو ڪم ڪيو ۽ رستي کي جيپن هلائڻ جي لائق بڻايو.

هن رپورٽر به ٻين صحافين سان گڏ ان رستي تي 3000 فٽ جي اوچائيءَ تائين گرو جبل جو سفر ڪيو آهي، اسان جي ٽيم انور پيرزادو، نصير اعجاز، بدرابڙو، جاويد سومرو، فوٽو گرافر شبير سومرو ۽ ٻن مقامي سونهن (Guides) غلام محمد

۽ ليگل ڪميٽي جي طرفان علائقي ۾ غير قانوني اڏاوتن جي سروي جو ڪم مسلسل جاري آهي.

نومبر 1995ع کان هاڻي تائين اهڙين عمارتن جو جزوي يا مڪمل طور ڊاهڻ جو ڪم هلي رهيو آهي، جنهن جي پرچار تصويرن سميت ڊان، دي نيوز، جنگ ۽ گجراتي اخبارن ۾ ڪئي وئي.

هي به تجويز ڪيو ويو ته ڪارڊن ايسٽ جي علائقي ۾ "شهري بهتر ماحول لاءِ" جي هڪ آفيس قائم ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ ڪارڊن ايسٽ جي شهرين 120000 رپين جا عطيا به جمع ڪيا. جنهن مان ماحول جي بهتري جي سلسلي ۾ شهرين جي شعور ۽ دلچسپي جو اندازو ٿئي ٿو.

21نومبر 1995ع ۾ ٿيل اجلاس ۾ "شهري بهتر ماحول لاءِ" ڪارڊن ايسٽ جي علائقي ۾ وڌيڪ غير قانوني اڏاوتي سرگرمين کي روڪرائڻ لاءِ ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي مبارڪ باد ڏني. ڪي بي سي اي (ڪي ايم سي) جي ڍانچي ۾ مڪمل تبديلي آڻڻ لاءِ غير معمولي ڪوششن جي ضرورت پوندي ۽ اهو ان صورت ۾ ممڪن آهي جڏهن علائقي جا رهواسي پوري طرح با خبر هجن ۽ "شهري" سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪن.

پي اي سي ايڇ ايس جي رهواسين کي به انهن مسئلن جو احساس ٿي رهيو آهي، جيڪي رهائشي علائقن ۾ غير قانوني اڏاوتن جي ڪري پيدا ٿي رهيا آهن. صحيحن واري مهم شروع هجڻ جي ڪري ماڻهن ۾ شعور پيدا ٿي رهيو آهي ته اهي به "شهري بهتر ماحول لاءِ" جي تعاون سان عدالتن ۾ وڃي ان صورتحال جو مقابلو ڪن.

# گهڻ ماڙ عمارتن جي خلاف مهم جاري آهي

"شهري بهتر ماحول لاءِ" هڪ ماحولياتي اين جي او آهي جيڪا 1988ع کان مختلف سب ڪميٽين جي ذريعي پارڪس، راند جي ميدانن، تاريخي عمارتن جي بحالي، آلودگي جي ڪنٽرول ۽ سماجي مسئلن جي باري ۾ قانوني مشينرِ جي ذريعي ڪم ڪري رهي آهي. هيءَ هڪ اهڙي تنظيم آهي، جيڪا فڪر رکندڙ شهرين جي گروپ تي مشتمل آهي، جيڪي انهن سب ڪميٽين جو انتظام سنڀالين ٿا ۽ رضاڪارانا طور تي شهرين جي لاءِ بهتر ماحول جي فراهمي لاءِ ڪم ڪن ٿا. شهري سي بي اي جي جنرل سيڪريٽري امبر علي ڀائي سان "ببلي ڊان" جي نمائندي جي ڳالهه ٻولهه.

سوال: توهان جي تنظيم تعميراتي قانونن جي خلاف ورزين جو مسئلو وڏي پيماني تي اٿاريو آهي. هيءَ مهم شروع ڪهڙي طرح سان ٿي؟

جواب: غير منظم آباديءَ جي واڌ جيڪا گهڻ ماڙ عمارتن جي شڪل ۾ هر هنڌ اڀري ٿي، جنهن جي نه ته بنيادي سهوليتن جو خيال رکي سگهجي ٿو ۽ نه تعميراتي قانونن جي پابندي ڪئي وڃي ٿي. اهو سڀ کان وڏو مسئلو آهي جيڪو "شهري بهتر ماحول لاءِ" جي طرفان ان خرابيءَ جي پاڙ پٽڻ جي قدمن شروع ڪرڻ جو باعث بڻيو آهي.

"شهري" علائقي جي رهواسين بلڪ سڄي ڪميونٽي ۾ شعور پيدا ڪري، ان جو تعاون حاصل ڪري ٿي ته جيئن لاڳاپيل ادارن کي بي سي اي، ڪي ڊي اي، ڪي ايم سي وغيره ۾ عوام سان ڏي وٺ، احتساب تحت، شناخت ۽ قانونن مطابق ٿئي.

سوال: ۽ خلاف ورزيون؟

جواب: رهائشي پلاٽن کي قانوني طريقن ڏسڻ کان سواءِ غلط طور تي تجارتي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. ڪراچيءَ ۾ شهر اندر گهرن ۽ بنگلن کي اوچين عمارتن ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. خاص طور تي ڪارڊن ايسٽ، ويسٽ، جمشيد ڪوارٽرز ۾. جڏهن ته ٻين جڳهن تي لازمي طور تي جڏي ويندڙ خالي جڳهن تي به ناجائز قبضو ڪيو پيو وڃي.

سوال: هي مسئلو ڪيترو وڏو آهي ۽ ان جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا؟

جواب: هي هڪ وڏو مسئلو بڻجندو پيو وڃي، جو ته بلڊرز مافيا. ٽائون پلانرز جي تعاون سان ان معاملي کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

"شهري" جو نقطئہ نظر هي آهي ته ڪراچيءَ جي رهائشي ضرورتن کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي پر هڪ صحتمند، محفوظ ۽ صاف سٿري رهائشي ماحول کي برقرار رکڻ جي لاءِ تعميراتي قاعدن ۽ ضابطن ۽ هاءِ رائز زوننگ جي اهميت کي به نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي.

سوال: تعميراتي قانونن لاءِ ذميوار حڪومتي ادارا؟

جواب: ڪي ڊي اي، ڪي ايم سي، ڪي بي سي اي جي ذريعي سول انتظاميا، ڪوآپريٽو سوسائٽيون ۽ ڪنٽونمينٽ.

سوال: غير قانوني اڏاوتن جي سرطان (Cancer) جي روڪڻ ۾ عدليہ جو ڪردار؟

جواب: "شهري بهتر ماحول لاءِ" هڪ ماحولياتي اين جي او آهي، ان هيٺين ۽ اعليٰ عدالتن ۾ ڪيس داخل ڪري رهائشي علائقن ۾ ناجائز ۽ غير قانوني اڏاوتن کي روڪرائڻ جي ذميواري قبول ڪئي آهي ۽ اها تعميراتي قانونن جي خلاف ورزين کي روڪڻ ۽ قانون جي نفاذ جي لاءِ قانوني امداد جي گهرجائو آهي. "شهري بهتر ماحول لاءِ" سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪميونٽي جي تعاون سان مقدما داخل ڪري چڪيا آهن.

سوال: موجوده قاعدا ۽ ضابطا اطمينان بخش آهن يا انهن ۾ ترميم جي ضرورت آهي؟

جواب: اطمينان بخش آهن پر انهن تي پوري طرح عمل نه ٿو ٿئي. سڄي سسٽم جي اوور هالنگ ۽ ان ۾ شهرين جي شراڪت جي ضرورت آهي. عمارتن، سڙڪن، سيوريج، بجلي وغيره جي سلسلي ۾ خلاف ورزين تي ڪارروائي سڄي شهري شعور ۽ احتساب جي احساس سان هئڻ گهرجي.

سوال: "شهري" جي شرڪت سان ڪو فرق پيو آهي؟

جواب: سڀ کان وڏو هي فرق پيو آهي ته "شهري بهتر ماحول لاءِ" لاڳاپيل عملدارن کي هي احساس ڏياريو آهي ته هاڻي انهن کي شهرين جي مفادن کي قاعدن، قانونن جي خلاف نظر انداز ڪرڻ جي اجازت نه ملندي ۽ هاڻي انهن کي عدالتن ۾ جواب ڏيڻو پوندو "شهري" عوام ۽ لاڳاپيل عملدارن ۾ هي شعور پيدا ڪيو آهي. اسان کي يقين آهي ته بهتر سوچ رکندڙ ٿورڙا فرد به آخرڪار پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب ٿيندا ۽ هڪ بهتر ماحول لاءِ تبديلي آڻيندا.

# انسان ۽ ماحول

غلام مصطفيٰ بلوچ

اسان جي خوبصورت دنيا ذاتي ملڪيت، جاگيرداري ۽ سامراجيت جي ڪري بربادي ءَ جي طرف وڃي رهي آهي.

*****************************



اسان جي خوبصورت دنيا ذاتي ملڪيت، جاگيرداري ۽ سامراجيت جي ڪري بربادي ءَ طرف وڃي رهي آهي.

اڄڪلهه نہ صرف پاڪستان پر پوري دنيا ۾ مختلف ادارا خاص طور تي غير سرڪاري ادارا ماحول جي بقاءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. ان جدوجهد مان صاف ظاهر آهي تہ اسان سڀ هڪ ترقياتي عمل ۽ هڪ سماج لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ بنا ڪنهن فرق جي ماڻهن کي آزادي ۽ انصاف سان گڏ زندگيءَ جون سموريون بنيادي سهوليتون ميسر هجن.

ظاهر آهي تہ اهي سڀ ڪوششون ۽ ڪاوشون هن ڪائنات، خاص طور تي هن ڌرتي ۽ ان تي رهندڙن جي لاءِ آهن. جيڪڏهن ڪائنات جي قدرتي وسيلن ۽ زمين تي موجود هر مخلوق کي خطرو هوندو تہ پوءِ هڪ پائيدار ترقيءَ جي تصور سان سلهاڙيل معاشرو ڪڏهن قائم ٿيندو؟ ان سوال سڀني تنظيمن کي پوءِ چاهي اهي دنيا جي ڪهڙي بہ ڪنڊ ۾ هجن هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ تي مجبور ڪيو آهي ۽ سڄي دنيا کي مختلف قومن، رنگن ۽ نسلن هجڻ جي باوجود هڪ ئي نعري هيٺ گڏ ڪيو آهي تہ "اچو ماحول جو تحفظ ڪريون" يعني هن ڪائنات جو. هتي موجود هر قدرتي وسيلي جنهن ۾ انسان، جانور، درياءَ، سمنڊ، وڻ مطلب تہ ڪائنات جي موجود هر قدرتي وسيلي جو تحفظ ڪريون تہ جيئن پائيدار ترقيءَ تي ٻڌل نظام قائم ڪري سگهون. ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پائيدار ترقي جو تعلق فطرت سان هوندو آهي. اڄ اسان کي قدرتي وسيلن جي بچاءَ جي ضرورت جو محسوس ٿي رهي آهي. ان سوال جو جواب حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي انساني ارتقا جي تاريخ تي نظر وجهڻي پوندي، جڏهن انساني سماج جي ترقيءَ جو دور پنهنجا شروعاتي مرحلا طئي ڪري رهيو هو. جڏهن انسان غارن کي ڇڏي وحشي زندگيءَ کي ڇڏي خاندان، قبيلي ۽ قوم جي تشڪيل ڪري رهيو هو. اهو انسان جيڪو ڪالهہ وحشت، بي راهہ روي ۽ جاهليت جي نشاني سمجهيو ويندو هو، جنهن ۾ ۽ ٻي مخلوق ۾ ڪوئي خاص فرق محسوس نہ پئي ڪيو ويو. اڄ اهي ئي انسان اخلاقي اصولن تحت هڪ منظم قاعدي ۽ قانون تحت قائم ٿيل هڪ مهذب معاشري جو فرد تسليم ڪيو وڃي ٿو پر اڄ ۽ ڪلهہ واري انسان ۾ وڏو فرق آهي. ڪلهہ جو انسان سائنسي ايجادن، سماجي اصولن ۽ سوسائٽي جي نظم و ضبط کان پري هڪ فطرتي ماحول ۾ زندگي گذاريندو هو پر اڄ جو جديد انسان هر سهوليت هجڻ جي باوجود هڪ غير فطري يا مصنوعي سسٽم ۾ گهاري رهيو آهي.

جڏهن انساني سماج جي تشڪيل ۽ تعمير ٿي رهي هئي ۽ انسان فرد واحد جي دائري مان نڪري خاندان ۽ قوم جو بنياد رکي رهيو هو ۽ جهنگلن مان نڪري چراگاهن طرف رخ ڪري رهيو هو، ان وقت انسان کان هڪ وڏي غلطي ٿي، جنهن انسان کي فطرتي ماحول مان ڪڍي ذاتي ملڪيت ۽ ذاتي خواهش جي کوهہ ۾ ڪيرائي ڇڏيو جتي انسان ذاتي مفادن کي غيرفطري انداز ۾ ڏسندو رهيو جنهن ۾ طاقتور انسان، قومن ۽ ملڪن ڪمزور انسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو.

ان ذاتي ملڪيت جي چڪر هڪ طرف جاگيردارانہ، سرمائيدارانہ، سامراجيت ۽ آمريت جي تصورن کي جنم ڏنو ۽ وڌايو تہ ٻئي طرف ماحول ۾ گندگي، قدرتي وسيلن ۾ گهٽتائي، بي پناهہ آبادي ۽ جديد هٿيارن انسان کي نہ صرف عدم تحفظ، بلڪ ۽ بيروزگاري جهڙن مسئلن ۾ وڇڙايو پر انسان پوري ڌرتيءَ جي گولي کي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي بيهاريو.

ڪالهہ وارو انسان جيڪو فطرت جو حصو هو فطرت جي دائري ۾ موجود ٻين عنصرن ۽ وسيلن جو هڪ ذريعو هو. فطرتي نظام ۾ هر ذريعو ٻئي وسيلي لاءِ صرف ضرورت تحت استعمال ٿيندو آهي، جنهن جو بنيادي قانون ضرورت آهي منافعو نہ. يعني انسان جتي فطرت جي

